SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XLII OF 1984

# پوليس (سنڌ بي ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE POLICE (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1861 جي ايڪٽ V جي دفعه 30 جي ترميم

Amendment of section 30 of Act V of 1861

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XLII OF 1984

# پوليس (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE POLICE (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[15 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي پوليس (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هن فوري طور لاڳو ٿيندو.

1861 جي ايڪٽ V جي دفعه 30 جي ترميم
Amendment of section 30 of

2. پوليس ايڪٽ، 1861 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي دفعه 30 جي ذيلي دفعه (3) جي شرطيه بيان ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

Act V of 1861

"بشرطيڪ اهو ته هي انهيءَ صورت ۾ لائسنس ڏيڻ کان انڪار ڪندو جڏهن هو اهڙي خاطري لکت ۾ اماڻي ٿو ته لائسنس جي منظوري امن امان يا عوامي مفادن جي لاءِ نقصانڪار هوندي يا عوامي نظم و ضبط برقرار رکڻ جي خلاف هوندي ۽ ان تي ضلعي جو ماجسٽريٽ يا ضلعي جي سب ڊويزن جو ماجسٽريٽ مطمئن آهي.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**